# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2010

# SINDH ACT NO.II OF 2010

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2010

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2010

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. 2001 جي آرڊيننس XXVII جي دفعه 153 جي تبديلي

Substitution of Section 153 of Ordinance XXVII of 2001

3. 2001 جي آرڊيننس XXVII ۾ دفعه A_179 جو اضافو

Addition of Section 179_A in Ordinance XXVII of 2001

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2010

# SINDH ACT NO.II OF 2010

## سنڌ مقامي حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2010

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2010

[17 فيبروري 2010]

**ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.**

*تمهيد (Preamble)*

جيئن ته سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

*مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات Short title, extent and commencement*

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مقامي حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

*2001 جي آرڊيننس XXVII جي دفعه 153 جي تبديلي Substitution of Section 153 of Ordinance XXVII of 2001*

2. سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس 2001 ۾:

(i) دفعه 153 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"**153. پارٽي بنيادن تي چونڊون.** مقامي حڪومت جون چونڊون پارٽي بنيادن تي ڪرايون وينديون؛

بشرطيڪ اڪيلا اميدوار آزاداڻي نموني چونڊن ۾ حصو وٺي سگهندا.

*2001 جي آرڊيننس*

(ii) دفعه 179 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

| | |
|---|---|
| **"179_A. چونڊون منعقد ڪرڻ.** (1) جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس جي متضاد نہ هجي، مڪاني حڪومت جون پيون چونڊون ڪرائڻ جي مقصد لاءِ، سموريون مڪاني حڪومتن جهڙوڪ صوبي ۾ ضلعي حڪومتون، سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ، تعلقي ميونسپل ايڊمنسٽريشنز، ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشنز، يونين ايڊمنسٽريشنز، ضلعي يونين ڪائونسلز تحليل ٿي وينديون اهڙي تاريخ تي جيئن حڪومت طرفان ڄاڻايو وڃي. | XXVII ۾ دفعہ 179_A جو اضافو Addition of Section 179_A in Ordinance XXVII of 2001 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**